# بورڊ آف سيڪنڊري ايجوڪيشن ڪراچي

سيڪنڊري اسڪول سرٽيفيڪيٽ امتحان

## ماڊل پيپر 2023ع

## سنڌي سليس(لازمي)

ڪلاس ڏهون- (جنرل گروپ)

وقت: ٽي ڪلاڪ — **ڪل مارڪون: 75**

## حصو "الف" (گهڻ چونڊائتا سوال) 20%

وقت: 30 منٽ — مارڪون:15

1. نوٽ: هن حصي مان 15 **MCQs** ڏنا ويندا. هر هڪ سوال هڪ مارڪ جو آهي.
**MCQs** تمام سبقن ۽ نظمن مان ڏنا ويندا.

## Main Paper

وقت: اڍائي ڪلاڪ — ڪل مارڪون:60

## حصو "ب" (مختصر جواب جا سوال) 40% — مارڪون 30

.2 هيٺين مان ڪن ٻـ پنجن سوالن جا جواب لکو:- 10

(i) ڪينجهر لڳڻ اصطلاح جي معنيٰ ڇا آهي؟
(ii) عربن جي دؤر ۾ سنڌي ادب جا ڪهڙا اهڃاڻ ملن ٿا؟
(iii) سليم ۽ ارشد ڏاڙيلن جو خاتمو ڪيئن آندو؟
(iv) ڪڙميءَ ڪي خواب جو تعبير ڪنهن ٻڌايو؟
(v) اجرڪ جا ڪهڙا چار رنگ ٿيندا آهن؟
(vi) خط لکڻ جي شروعات ڇا سان ڪئي ويندي آهي؟
(vii) حضرت سلمان فارسيؓ ڪٿي جو رهاڪو هو؟
(viii) شاعر هاريءَ ڪي ڪهڙي دعا ٿو ڪري؟
(ix) شاعر ڪنهن جي مٿان سر ساهه گهورڻ ٿو گهري؟

.3 هيٺين لفظن مان ڪن ٻـ ڇئن جا جملا ناهيو:- 4

پسارا - هاڪ - تڪرار - نيڪنامي - بهبود ۽- مستحق - پچاڙي

.4(الف) هيٺين لفظن مان ڪن ٻـ ڇئن جا ضد لکو:- 4

حرام - رهبر - خادم - سخي - خراب - شهر - عوام

(ب) هيٺين لفظن مان ڪن ٻـ ٽن جا واحد يا جمع لکو:- 3

دعائون - هٽُ - هاٿي - ڪمرا - قوم - پکو

(ج) هيٺين لفظن مان ڪن ٻـ ٽن جامذڪر يا مونث لکو:- 3

عورت - ڊاڪٽر - ڳئون - چاچي - جهرڪي - شهزادي

(د) هيٺين مان ڪنهن ٻـ هڪ جي مثال ڏيئي وصف لکو:- 2

حرف جر ، ظرف

.5 هيٺين مان ڪن ٻـ ڇئن اصطلاحن جي سنڌيءَ ۾ معنيٰ لکو:- 4

گوءِ ڪٽي وڃڻ - ڪينجهر لڳڻ - ڳڻ ڳائڻ - لذت چڱڻ - هڙان ڏيڻ - پيرن هيٺان لتاڙڻ - پچاٽو ٿيڻ

**(هلنڊڙ)**

يا

**هيٺ ڏنل پئراگراف پڙهي آخر ۾ ڏنل سوالن جا جواب لکو:**

**رڏٽو هميشہ ٻهاريل، اڇو اجرو هجي. تنهن کان پوءِ اهو بہ ڌيان ۾ رکجي، تہ رڏٽي کي مهيني ٻن کان پوءِ ليپو ضرور ڏجي. رڏپچاءُ ۾ ڪاڌي پيتي جي ٿانون کي ڇار سان ملي صاف ڪجي. ڇار ۾ سٽپ ۽ ميراڻ جذب ٿي وڃن ٿا.**

(i) رڏٽو ڪيئن هئڻ گهرجي؟

(ii) رڏپچاءُ ۾ ڪاڌي پيتي جا ٿانو ڇا سان ڌوئڻ گهرجن؟

(iii) ڇار ۾ ڇا جذب ٿين ٿا؟

(iv) رڏٽي کي مهيني ٻن کان پوءِ ڇا ڪرڻ گرجي؟

## حصو "ج" (بياني جواب جا سوال) 40% — مارڪون 30

6. **هيٺين مان ڪنهن بہ هڪ عنوان تي مضمون لکو:-** 6

(i) استاد جي عظمت (ii) بهار جي موسم (iii) يومِ پاڪستان

7. **پنهنجي اسڪول جي هيڊماستر/هيڊماسترياڻيءَ کي پڪنڪ تي وڃڻ جي اجازت لاءِ درخواست لکو.** 6

**يا**

**پنهنجي والد صاحب کي خط لکي ڪانئس ڪتابن ۽ يونيفارم جي خريداريءَ لاءِ پنج هزار رپين جي گهر ڪريو.**

8. **هيٺ ڏنل شعرن مان ڪن بہ ٻن جي سمجهاڻي نظم ۽ شاعر جي حوالي سان لکو:** 6

(i) هميشہ شال دنيا ۾ جهنڊو اسلام جو جهولي،
جتي پيي سو وجي پهچي، رهي قائم اتي برپا.

(ii) آريءَ جـــي اڇـڻ جي روز نهاريـــان راهہ،
آڻيندس الله، مـــون ســـر صدقي ڪيـــو.

(iii) تنهنجي محنت لائـــي رنگ،
ڏک وڃن ٿئي سک جو سنگ.

(iv) تنهنجي مٽيءَ ۾ مشڪ ۽ تنهنجي هوائن ۾ هڳاءُ،
مهراڻ جي هر موج ڇڻ امـــرت سندي ڌارا وطن.

**يا**

**هيٺ ڏنل بند جي تشريح نظم ۽ شاعر جي حوالي سان لکو:-**

مون سان جي ڪٽي ڪو بہ برائي ٿو ڪـري،
دل منهنجي برائيءَ مان نہ تہ بہ ان ڏي وري،
آءُ ان سان بہ دل ساڻ ڪندس پيو نيڪـــي،
توفيق جـــو هٿ شـــال خـــداوند ڏري!

9. **(الف) هيٺين مان ڪنهن بہ هڪ سبق جو"خلاصو" يا "مرڪزي خيال" لکو:-** 5

(i) هنر دولت آهي (ii) ٻہ تہ ٻارهن (iii) نصرپور

**(ب) هيٺين مان ڪنهن بہ هڪ نظم جو مرڪزي خيال لکو:-** 4

(i) ٻٽايون سک جو ڪو سنسار (ii) هاري (iii) ڏيئو

**(ج) هيٺ ڏنل پيراگراف جو اردوءَ ۾ ترجمو ڪريو:-** 3

**آءُ اوهان کي يقين ٿو ڏياريان تہ دنيا ۾ اوهان جي ضمير کان وڌيڪ ڪا بہ شئي نہ آهي. جڏهن اوهان خدا جي حضور ۾ پيش ٿيو تڏهن اوهان خوداعتماديءَ سان چئي سگهو تہ مون تي جيڪي فرض رکيل هئا اهي مون پورا ڪري ڇڏيا.**

-----------